# سڀني کان آخري نبي ﷺ



سنڌي

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

محمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

رسالي جو نالو: **سيني کان آخري نبي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اُگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# سيني کان آخري نبي ﷺ

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

7213UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext.

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سيني کان آخري نبي ﷺ

**دعاءِ عطار:** يا ربَ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”سيني کان آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي بي حساب بخشي ڪري جنّتُ الفردوس ۾ پنهنجي **سيني کان آخري** نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات حاصل ڪرڻ وارو شخص اهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا.

(الفردوس بمأثور الخطاب ج ۵ ص ۲۷۷ حديث ۸۱۷۵)

## حضرت جبريل سلام ڪندا آهن (واقعو)

پياري آقا، مڪي مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جبريل حاضر ٿي ڪري مون کي هيئن سلام ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْکَ يَا ظَاهِرُ،

اَلسَّلَامُ عَلَيۡکَ يَا بَاطِنُ مون چيو: اي جبريل! هي صفتون تہ الله پاڪ جون آهن انهيءَ جي لائق آهن مون جهڙي مخلوق کي ڪيئن ٿيون **سونهن**؟ جبريل عرض ڪيو: **الله** پاڪ اوهان کي هنن صفتن سان فضيلت ڏني ۽ تمام نبين ۽ رسولن (عَلَيهِمُ السَّلَام) تي انهن ذريعي خصوصيت بخشي ۽ پنهنجي نالي ۽ وصف (يعني صفت ۽ خوبي) سان اوهان جو نالو ۽ وصف ڪڍيو آهي. الله پاڪ اوهان جو نالو ”اَوّل“ رکيو ڇوتہ اوهان سيني نبين سڳورن عَلَيهِمُ السَّلَام جي پيدائش جي اعتبار کان اوّل يعني پهريان آهيو ۽ اوهان جو نالو ”آخِر“ رکيو ڇوتہ اوهان سيني نبين سڳورن جي زماني کان آخر ۾ تشريف ڪٽي اچڻ وارا ۽ **اوهان آخري اُمّت جا آخري نبي آهيو**. الله پاڪ اوهان جو نالو ”باطن“ رکيو ڇوتہ الله پاڪ پنهنجي نالي سان گڏ اوهان جو نالو سُونهري نور سان عرش جي پايي تي حضرت آدم عَلَيهِ السَّلَام جي پيدائش کان ٻہ هزار سال پهريان هميشہ جي لاءِ لکيو پوءِ مون کي اوهان تي درود شريف موڪلڻ جو حڪم ڏنو تہ مون اوهان تي هزار سال درود ۽ هزار سال سلام موڪليو ايستائين جو الله پاڪ اوهان کي خوشخبري ٻڌائيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ الله جي طرف سندس حڪم سان سڏڻ وارو ۽ چمڪائيندڙ سج ٻڻائي ڪري موڪليو ۽ الله پاڪ اوهان جو نالو ”**ظاهر**“ رکيو ڇوتہ ان اوهان کي تمام دينن تي تسلط (SUPREMACY) عطا فرمايو ۽ اوهان جي شريعت ۽ فضيلت کي تمام زمين ۽ آسمان وارن تي ظاهر ڪيائين تہ ڪو اهڙو نہ رهيو جنهن اوهان تي دُرود نہ موڪليو هجي، الله پاڪ اوهان تي درود (يعني رحمت) موڪلي. بَس اوهان جو رب مَحمود (يعني تعريف ڪيل) آهي ۽ اوهان ”محمد“ (يعني تعريف ڪيا ويا آهيو) اوهان جو رب **”اَوّل ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن“** آهي ۽ اوهان بہ (پنهنجي رب جي عطا سان) **”اَوّل ۽ آخر،**

**ظاهر ۽ باطن“** آهيو. اهو (ٻڌي ڪري) اللّٰه پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: تمام تعريفون انهيءَ جي لاءِ آهن جنهن مون کي تمام انبياءِ ڪرام (عَلَيهِمُ السَّلام) تي فضيلت عطا فرمائي ايستائين جو منهنجي نالي ۽ صِفت ۾ (بہ سيني تي فضيلت ڏني).

(شرح الشفاء للقاری ج ۱ ص ۵۱۵ فتاوٰی رضویہ ج ۱۵ ص ۲۶۳)

## اَلْحَمْدُ لِلّٰہ اسان آخري نبي ﷺ جا اُمّتي آهيون

اي عاشقانِ آخري نبي! **اللّٰه** پاڪ جو اسان گنهگارن تي وڏو فضل ۽ احسان آهي جو ان اسان کي پنهنجي پياري پياري سيني کان آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اُمّتي بڻايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الْڪريم اسان جا پيارا پيارا آقا. مڪي مديني وارا مصطفٰي صَلَّي اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام رسولن ۽ نبين کان افضل آهن ۽ اللّٰه ربُّ العِزّت جي رحمت سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ سندن اُمّت گذريل تمام اُمّتن کان پلي آهي.

سارے رسولوں سے تم برتر، تم سارے نبیوں کے سرور
سب سے بہتر اُمّت والے، صلّی اللہ علیکَ وَسلم

(سامانِ بخشش ص ۹۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اهم ترين فرض

اي عاشقانِ رسول! محمد رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اللّٰه پاڪ جو

سيني کان آخري نبي مڃڻ ضروريات دين مان آهي، جيڪو ان جو انڪار ڪري يا ذري برابر بہ شڪ ڪري اهو اسلام مان خارج، ڪافر ۽ مرتد آهي. الله پاڪ سيپاري 22 سورة احزاب آيت 40 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَاۤ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِیّٖنَؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمًا۠ (۴۰)

ترجمو ڪنزالعرفان: محمد توهان جي مردن مان ڪنهن جو پيءُ نہ آهي پر الله جو رسول آهي ۽ سيني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي ۽ الله سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو آهي.

## آيت جي شرح

حضرت علاّمہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه "خزائنُ العرفان" ۾ آيت جي هن حصي (وَ خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ) جي تفسير ۾ لکن ٿا: يعني محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **آخري نبي** آهن جو هاڻي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد ڪوبہ نبي نہ ايندو ۽ نُبُوَّت سندن تي ختم ٿي چڪي آهي ۽ سندن نبوت کان بعد ڪنهن کي بہ نُبُوَّت نہ ٿي ملي سگهي ايستائين جو جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام نازل ٿيندا تہ توڙي جو نُبُوَّت اڳي ئي ماڻي چڪا آهن پر نازل ٿيڻ کان پوءِ شريعتِ محمديہ تي عامِل (يعني عمل ڪرڻ وارا) هوندا ۽ انهيءَ شريعت تي حڪم ڏيندا ۽ پاڻ (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي ئي قبلي يعني ڪعبي شريف ڏانهن

منهن ڪري نماز پڙهندا، (ياد رهي!) حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو آخري نبي هجڻ قَطعي (يعني يقيني) آهي (ءِ هيءَ قَطعيت (يعني يقيني هجڻ) قرآن ءِ حديث مان ثابت آهي)، قرآنِ مجيد جي صريح (يعني چٽي) آيت بہ موجود آهي ءِ حديثون تواتر[1] جي حد تائين پهتل آهن، انهن سيني مان ثابت آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **سيني کان آخري نبي** آهن ءِ سندن بعد ڪوبہ نبي ٿيڻ وارو ناهي، نہ ئي ٿيندو. جيڪو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نُبُوَّت کان بعد ڪنهن بي کي نبوت ملڻ ممڪن سمجهي اهو خَتۡمِ نُبُوَّت جو منڪر، ڪافر ءِ اسلام مان خارج آهي.

(خزائن العرفان ص ۷۶۳، صراط الجنان ج ۸ ص ۴۷ ملتقطًا و ملخصًا)

## خاتَم جو مطلب

**الحاج** مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: "خاتَم" خَتۡم مان نڪتل آهي، ءِ خَتۡم جي معنٰي **مُهر** (SEAL) ءِ **آخري** جي آهي، بلڪ مُهر کي بہ خاتَم انهيءَ ڪري چوندا آهن جو اها مضمون جي آخر ۾ لڳائي ويندي آهي يا هي تہ جڏهن ڪنهن ٿيلهي تي مهر (SEAL) لڳي وئي تہ هاڻي ڪا بہ شيءِ ٻاهرين اندر ءِ اندرين ٻاهر نہ ٿي وڃي سگهي، اهڙيءَ طرح هي آخري مُهر لڳي چڪي، باغِ نُبُوَّت جو آخري گُلُ ٽڙي چڪو،

[1] حديثِ متواتر: اهڙي حديث جنهن جا روايت ڪرڻ وارا هر زماني ۾ ايتري ڪثرت سان هجن جو انهن جو ڪوڙ (يعني واقعي جي خلاف ڳالهه) تي اتفاق ڪري وٺڻ عادتاً محال (يعني ناممڪن) هجي،
(منتخب حديثيں ص ۲۵ سے خلاصہ)

خود حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن خاتَمُ النَّبِيِّين جي معنٰي بيان فرمائي آهي تہ لَانَبِيَّ بَعْدِیْ يعني مون کان بعد ڪوبہ نبي ناهي.

(شانِ حبيبِ الرحمٰن ص ۱۷۱)

بعد آپ کے ہر گز نہ آئے گا نبی نیا
وَاللہ! ایمان ہے مرا، اے آخری نبی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جانورَ بہ آخري نبي مڃيندا آهن (واقعو)

حضرت عبدُ الله بن عُمَر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهما کان روايت آهي تہ قبيلي بني سُلَيم جو هڪ ڳوٺاڻو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاه ۾ حاضر ٿي ڪري چوڻ لڳو: مان اُن وقت تائين اوهان تي ايمان نہ آڻيندُس، جيستائين منهنجي هيءَ ”ڳوهَ“ اوهان تي ايمان نہ آڻي. اهو چئي ڪري ان ڳوه (يعني سانديءَ سان ملندڙ جلندڙ ان جانور) کي سندن سامهون رکي ڇڏيو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڳوهَ کي پڪاريو تہ ان لَبَّيْكَ وَ سَعْدَيْك (يعني مان حاضر آهيان ۽ فرمانبرداري جي لاءِ تيار آهيان) ايتري بلند آواز سان چيو جو تمام حاضرين ٻڌي ورتو. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (اُن ڳوه کان) پڇيو: تنهنجو معبود (يعني عبادت جي لائق) ڪير آهي؟ ڳوهَ جواب ڏنو: منهنجو معبود اهو آهي جنهن جو عرش آسمانن ۾ آهي ۽ اُنهيءَ جي بادشاهي زمين تي آهي، سندس رحمت جنّت ۾ آهي ۽ سندس عذاب جهنّم ۾ آهي. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: اي ڳوهَ! هي ٻڌاءِ تہ مان ڪير آهيان؟ ڳوهَ وڏي آواز سان چيو: اَنْتَ رَسُوْلُ رَبِّ الْعَالَمِيْن، وَخَاتَمُ النَّبِيِّيْن يعني اوهان الله پاڪ جا رسول ۽ آخري نبي آهيو. جنهن اوهان کي سچو مڃيو اهو ڪامياب ٿي

ويو ۽ جنهن اوهان کي ڪوڙو چيو اهو نامراد ٿي ويو. هي ڏسي ڪري ڳوناٽو ايتري قدر متاثر ٿيو جو فوراً ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو.

(معجم اوسط ج ۴ ص ۲۸۳ حديث ۵۹۹۶ مختصراً)

اے بلا! بے خِرَدیِ کفّار، رکھتے ہیں ایسے کے حق میں انکار
کہ گواہی ہو گر اُس کو درکار، بے بول اُٹھا کرتے ہیں

(حدائقِ بخشش)

الفاظ ۽ معنيٰ: بلا: مصيبت. بے خِرَدِی: بي وقوفي. درکار: گهرجي.

**شرحِ ڪلامِ رضا:** پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ مڃڻ وارا ڪيتري قدر بيوقوف ۽ نادان آهن، حالانڪ جيڪڏهن اسان جا پيارا آقا مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سچي ۽ آخري نبي هجڻ جي گواهي ڏيارڻ چاهين تہ بي زبان جانور وغيره بہ گواهي ڏيڻ جي لاءِ ڳالهائڻ لڳندا هئا.

## ختمِ نَبُوت جي عقيدي جي اهميت

**اي عاشقانِ آخري نبي!** عقيدهءِ ختم نبوت مان مراد هي مڃڻ آهي تہ اسان جا پيارا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني ڪان آخري نبي آهن. الله پاڪ حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات تي نُبُوَّت جو سِلسلو ختم فرمائي ڇڏيو آهي. حُضُور پُرنور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري زندگي جي زماني کان وٺي ڪري قيامت تائين ڪو نئون نبي نہ ٿو ٿي سگهي. حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اچڻ سان ختمِ نُبُوَّت جي عقيدي تي ڪو فرق نہ پوندو ڇوتہ خَاتَمُ النَّبِيّين جي معنيٰ هي

آهي تہ محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظهور کان بعد ڪنهن کي نبوت نہ ملندي، حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلام اڳوڻا نبي آهن، پاڻ عَلَيْهِ السَّلام نبي هجڻ جي حيثيت سان پنهنجي شريعت جي تبليغ ڪونہ فرمائيندا بلڪ الله جي سيني کان آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت تي ئي عمل ڪرائيندا. جڏهن تہ پاڻ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّتي هجڻ جي حيثيت سان ايندا. (تفسيرِ نفسى ص ٩٤٣ سے خلاصہ) ياد رهي! ڪنهن نبيءَ کي نبوت ملڻ کان بعد ان کان نُبُوَّت زائل (يعني ختم) نہ ٿيندي بلڪ هميشہ جي لاءِ ان جي نُبُوَّت قائم رهندي آهي. ”فتاوٰي رضويہ“ جلد 29 صفحي 110 کان 111 تي آهي: ڪڏهن بہ نہ! نہ ڪو رسول رسالت کان معزول (يعني جدا). بَرطرف) ڪيو ويندو آهي ۽ نہ سيدنا عيسٰي عَلَيْهِ السَّلام رسالت کان معزول (يعني الڳ) ٿيندا، نہ ئي حضور جو اُمّتي هجڻ رسالت جي خلاف آهي.“ (فتاوٰی رضويہ) عقيده ختمِ نُبُوَّت جو اهو ئي درجو آهي جيڪو عقيده توحيد جو آهي يعني ٻئي ضروريات دين مان آهن. لهٰذا مسلمان جي لاءِ جهڙيءَ طرح الله پاڪ کي هڪ مڃڻ ضروري آهي ايئن ئي سندس پياري حبيب حضرت محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سيني کان آخري نبي مڃڻ بہ ضروري آهي.

## ڪو دليل نہ گهريو ويندو

امام اَبُومنصور ماتُريدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جيڪو بہ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد نبي جي اچڻ جي دعويٰ ڪري تہ ان کان ڪو دليل نہ گهريو ويندو بلڪ ان (شخص جي عقيدي) جو انڪار ڪيو

ويندو چوته الله پاڪ جي پياري پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي ڇڏيو آهي: لَانَبِيَّ بَعْدِیْ يعني مون کان بعد ڪوبه نبي ناهي.

(تاويلاتِ اہلِ السنۃ ج ۸ ص ۳۹۲)

## ڪوڙي نبيءَ کان مُعْجِزو گهرڻ ڪيئن؟

”**ملفوظاتِ اعلي حضرت**“ صفحي 134 تان سوال ۽ جواب پڙهندا، سوال: (ڇا) ڪوڙي مُدَعِي نبوت (يعني نبي هجڻ جي ڪوڙي دعويٰ ڪرڻ واري) کان معجزو طلب ڪري سگهجي ٿو؟ جواب: مدعيِ نبوت (يعني نبي هجڻ جي ڪوڙي دعويٰ ڪرڻ واري) کان هن خيال سان ته ان جو عجز (يعني ناڪامي ۽ هار) ظاهر ٿئي **مُعْجِزو** طلب ڪري ته ڪو حرج ناهي، ۽ جيڪڏهن تحقيق جي لاءِ معجزو طلب ڪيو ته هي معجزو به ڏيکاري سگهي ٿو يا نه، ته فوراً ڪافر ٿي ويو.

(فتاوٰی عالمگیری ج ۲ ص ۲۶۳ ماخوذاً)

## لَانَبِيَّ بَعْدِیْ

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حديثِ مُتواتر لَانَبِيَّ بَعْدِیْ يعني ”مون کان بعد ڪوبه نبي ناهي“ مان تمام اُمّتِ مرحومه (يعني اها امّت جنهن تي الله پاڪ جي رحمت هجي) سَلَفاً ۽ خَلَفاً (يعني اڳين ۽ پوئين سيني) هميشه هيءَ ئي معنيٰ سمجهي آهي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنا تخصيص (يعني بنا ڪنهن کي خاص ڪرڻ جي) تمام نبين ۾ **آخري نبي** آهن، حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) سان گڏ يا

حضور (صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وآلِهٖ وَسَلَّمَ) کان بعد ۾ قيامت قائم ٿيڻ تائين ڪنهن کي نُبُوَّت ملڻ مُحال (يعني ناممڪن) آهي. (فتاوٰی رضويہ ج ۱ ص ۳۳۳)

سب انبیاکے ہو تمہیں سردار لاجَرَم (1)
تم سا ہے دوسرا، اے آخری

(1) لَاجَرَم: يقيناً

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان جي سلامتي جو فڪر نہ ڪرڻ جو نقصان

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ انسان جي لاءِ سڀ کان قيمتي بلڪ انمول شيءِ ان جو ايمان آهي، اللّٰه پاڪ جي رحمت سان جنهن کي ايمان جي دولت حاصل آهي اهو مال ملڪيت جي اعتبار سان جيتوڻيڪ غريب هجي پر ايمان جي دولت کان محروم ڪروڙين، اَربين پتي شخص کان بہ وڌو مالدار آهي جڏهن تہ اسلام جي دولت کان محروم مالدار حقيقت ۾ مُفلس ۽ نادار (يعني غريب) آهي ۽ مَعَاذَ الله ثُمَّ مَعَاذَالله انهيءَ حالت (يعني ڪفر جي حالت) ۾ مرڻ وارو شخص هميشہ جي لاءِ جهنّم ۾ رهندو. هر مسلمان کي گهرجي تہ هميشہ ايمان جي سلامتي ۽ ايمان تي خاتمي جي لاءِ اللّٰه پاڪ کان دعا ڪندو رهي. هن پُرفتن دور ۾ جتي نيڪ اعمال ڪرڻ ۾ بي حد سُستي اچي چڪي آهي اتي ايمان جو فڪر بہ تمام گهٽ نظر اچي رهيو آهي، هر روز نوان نوان فتنا مختلف طريقو اختيار ڪري مسلمانن جي ايمان کي ڪوڪلو ڪرڻ ۾ مصروف آهن، ايمان جي سلامتي جو فڪر نهايت ئي ضروري آهي، توڙي جو سموري زندگي نيڪين ۾ گذاري هجي،

پر الله نہ ڪري خاتمو ايمان تي نہ ٿيو تہ هميشہ جي لاءِ دوزخ ۾ رهڻو پوندو. فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيْم يعني ”اعمال جو دارومدار خاتمي تي آهي.“

(بخاری ج ۴ ص ۲۷۴ حديث ۶۶۰۷)

عطّار ہے ایماں کی حفاظت کا سُوالی    خالی نہیں جائے گا یہ دربارِ نبی سے

## ايمان جو فڪر نہ ڪرڻ تشويشناڪ آهي

ڳڻتي ۽ سخت ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهہ آهي تہ جهڙيءَ طرح دنياوي دولت جي حفاظت جي معاملي ۾ غفلت ان جي ضايع ٿيڻ جو سبب بڻجي ويندي آهي، ان کان بہ وڌيڪ سخت معاملو ايمان جو آهي. ”ملفوظاتِ اعلٰي حضرت“ صفحي 495 تي آهي، عالم سڳورا فرمائن ٿا: ”جنهن کي سَلبِ ايمان (يعني ايمان کسجي وڃڻ) جو خوف نہ هجي نَزَع (يعني سڪرات) جي وقت ان جو ايمان کسجي وڃڻ جو شديد خطرو آهي.“

مسلماں ہے عطّار تیری عطا سے    ہو ایمان پر خاتِمہ یاالٰہی

## صبح جو مؤمن تہ شام جو ڪافر

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”انهن فتنن کان پهريان نيڪ عملن ۾ جلدي ڪيو! جيڪي اونداهي رات جي حصي جيان هوندا. هڪ ماڻهو صبح جو مؤمن هوندو تہ شام جو ڪافر ٿي ويندو ۽ شام جو مؤمن هوندو تہ صبح جو ڪافر ٿي ويندو. پڻ پنهنجي دين کي دنياوي سازو سامان جي بدلي فروخت ڪري ڇڏيندو.“

(مسلم ص ۶۹ حديث ۳۱۳)

# حديث جي شرح

شارح مسلم حضرت امام شَرفُ الدين نَووي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هن حديث پاڪ ۾ چڱا عمل جلدي جلدي ڪرڻ تي اڀاريو ويو آهي، ان ڪان پهريان جو بانهو نيڪ ڪم نہ ڪري سگهي ۽ انهن لاڳيتو ايندڙ فتنن ۾ مشغول ٿي وڃي جيڪي تمام گهڻا ٿي ويندا جيئن سخت اونداهي رات ۾ ايتري قدر اونداهي ڇانئجي وڃي جو چنڊ بلڪل بہ نظر نہ اچي، حضور سَرورِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن فتنن جي هڪ قِسم (KIND) ڪي هتي بيان فرمايو آهي تہ اهي ايتري قدر سخت هوندا جو هڪ ئي ڏينهن ۾ انسان جي دل بدلجي ويندي ۽ هيءَ تمام وڏي تبديلي آهي.

(شرح مسلم للنووی ج ۲ ص ۱۳۳)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيتري قدر بدنصيب آهي اهو شخص جيڪو عارضي (TEMPORARY) دنيا جي فاني (يعني ختم ٿيندڙ) عيش ۽ راحت جي لاءِ مَعاذَالله پنهنجي ايمان جو سودو ڪري ڇڏي، ايمان وڪڻي ڪري ڪفر خريد ڪري ۽ جنّت جي بدران جهنّم کي پنهنجو ٺڪاڻو بڻائي ڇڏي. تمام عاشقانِ آخري نبي کي گهرجي تہ اهي هيءَ مسنون دعا: يَا مُقَلِّبَ الۡقُلُوۡبِ ثَبِّتۡ قَلۡبِيۡ عَلٰى دِيۡنِكَ يعني "اي دلين کي ڦيرڻ وارا! منهنجي دل کي پنهنجي دين تي ثابت قدم رک." ضرور گهرندا ڪن. الله ڪريم پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اسان جو ايمان سلامت رکي ۽ اسان کي دينِ اسلام تي استقامت (يعني مضبوطي) عطا فرمائي ۽ اسان کي ايمان ۽ عافيت سان سبزسبز گُنبَدُ جي ڇانوَ ۾ محبوب جي جلون ۾ شهادت ۽ جنّتُ

البقيع ۾ مَدفن ۽ جنّتُ الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

ہیں غلام آپ کے جتنے، کر دُور اُن سے فتنے
بُری موت سے بچانا، مدنی مدینے والے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ غيبي بزرگ جو نرالو واقعو

صحابيءِ رسول حضرت نَضْلہ بن معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنۡه 300 مهاجرن ۽ انصارن سان گڏ حُلوانِ عراق کان مالِ غنيمت (يعني غير مسلمن کان جنگ ۾ هٿ اچڻ وارو مال) کڻي اچي رهيا هئا تہ هڪ جبل جي ويجهو شام ٿي وئي تہ حضرت نَضْلہ رَضِیَ اللهُ عَنۡه اَذان ڏني، جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡه اَللّٰهُ اَكۡبَرُ اَللّٰهُ اَكۡبَر چيو تہ جبل مان هڪ آواز آيو، ڪو چئي رهيو هو: اي نَضْلہ! تو تمام وڏي عظمت واري جي وڏائي بيان ڪئي! جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡه اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا الله چيو، تہ جواب آيو: اي نَضْلہ! تو خالص توحيد بيان ڪئي، جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡه اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ الله چيو تہ آواز آيو: **هي اهڙا نبي ٻڌائي ڪري موڪليا ويا آهن جو انهن کان بعد ڪو نبي ناهي**، هي ڊيڄاريندڙ آهن، هيءُ ئي آهن جن جي خوشخبري اسان کي حضرت عيسٰي بن مريم عَلَيۡهِ السَّلَام ڏني هئي، انهن ئي جي اُمّت جي آخر ۾ قيامت قائم ٿيندي. صحابيءِ رسول حضرت نَضْلہ رَضِیَ اللهُ عَنۡه جڏهن

حَیَّ عَلَی الصَّلٰوۃ چيو تہ جواب آيو: نماز هڪ فرض آهي، خوشخبري آهي ان جي لاءِ جيڪو هن جي طرف هلي ۽ هن جي پابندي ڪري. جڏهن حَیَّ عَلَی الْفَلَاح چيو تہ آواز آيو: مراد کي پهتو (اهو شخص) جيڪو نماز جي لاءِ آيو ۽ ان تي هميشگي اختيار ڪئي، مراد کي پهتو (اهو شخص) جنهن محمد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪئي. جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ چيو: اَللہُ اَکْبَر اَللہُ اَکْبَر، لَآ اِلٰہَ اِلَّا الله تہ آواز آيو: اي نَضْلہ! تو ڪامل اخلاص حاصل ڪري ورتو تہ الله پاڪ هن جي سبب تنهنجو جسم دوزخ تي حرام فرمائي ڇڏيو. حضرت نَضْلہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ نماز کان پوءِ بيهي ڪري ارشاد فرمايو: اي خوبصورت انداز ۾ ڳالهائڻ وارا! اسان اوهان جي ڳالهہ ٻڌي، تون ملائڪ آهين يا جن يا رجالُ الْغَيْب (يعني نظرن کان پوشيده انسان)؟ اسان جي سامهون ظاهر ٿي ڪري اسان سان گفتگو ڪر جو اسان الله پاڪ ۽ ان جي نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جا سفير (REPRESENTATIVE) آهيون. هي چوڻو هو جو جبل مان روشن چهري ۽ اڇي ڏاڙهي وارو ضعيف بزرگ ظاهر ٿيو جنهن اَڇي اُنّ(پشم) جي هڪ چادر ويڙهي رکي هئي، ايندي ئي ان سلام ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْکُمْ وَرَحْمَةُ اللہِ وَبَرَکَاتُہٗ اتي موجود حاضرين جواب ڏنو، حضرت نَضْلہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ارشاد فرمايو: الله پاڪ اوهان تي رحم ڪري اوهان ڪير آهيو؟ ان جواب ڏنو: مان زُرَيْب بن ثَرْمَلا آهيان. الله پاڪ جي نبي حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام مون کي هن جبل ۾ ترسايو هو ۽ آسمانن کان پنهنجي ٻيهر تشريف ڪٽي اچڻ تائين منهنجي زنده رهڻ جي دعا ڪئي هئي، (هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ) پوءِ ان پڇيو: رسول الله

صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪٿي آهن؟ حضرت نَضَله رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمايو: هُو پردو فرمائي ويا آهن (يعني انهن جو وصال شريف ٿي ويو آهي). ان تي اهو بزرگ تمام گهڻو رُنو، پوءِ چيائين: انهن کان بعد ڪير (خليفو) ٿيو؟ فرمايائون: (حضرت) ابوبڪر (صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه). پڇيائون: اهو ڪٿي آهي؟ فرمايائون: (ان جو به) وصال ٿي ويو آهي. چيائون: پوءِ ڪير خليفو ٿيو؟ فرمايائون: (حضرت) عمر (رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه). چيائون: ”اَميرُ الْمؤمنين حضرتِ عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي منهنجو سلام عرض ڪجو ۽ هي به عرض ڪجو ته اي عمر! جڏهن هي ڳالهيون اُمّتِ مُحمّدِيه ۾ پيدا ٿي وڃن ته پوءِ دنيا مان هليو وڃڻ (يعني موت) ۾ ئي عافيت آهي (انهن مان ڪجھ هي آهن:) (1) جڏهن ماڻهو پنهنجو نَسب بدلائڻ (يعني خانداني سلسلو مثال طور نه هجڻ جي باوجود پاڻ کي سيّد، صديقي، علوي وغيره چوڻ) لڳن (2) ننڍن تي وڏا شفقت نه ڪن (3) نيڪي جو حڪم نه ڏين ۽ بُرائيءَ کان منع نه ڪن (4) مال ۽ دنيا ڪمائڻ جي لاءِ (ديني) علم حاصل ڪن (5) برساتون ڪثرت سان ٿين (6) اولاد جان جو وبال بڻجي وڃي (7) مسجدن کي خوبصورت بنائڻ لڳن، پر اهي نمازين کان خالي هجن (8) رشوت عام ٿي وڃي (9) مضبوط عمارتون بڻجڻ لڳن (10) خواهشات جي پيروي ٿيڻ لڳي (11) دنيا جي عيوض دين ڳپائڻ لڳن (12) رشتيدارن کان رشتو ناتو ٽوڙڻ عام ٿيڻ لڳي (13) وياج پکڙجي وڃي ۽ (14) مالدار ٿيڻ ئي عزت جو سبب بڻجي وڃي. جڏهن هي سڀ ڳالهيون عام ٿيڻ لڳن ته پوءِ پڇي ڪري ڪنهن جبل جي غار ۾ لڪي وڃڻ ۽ اتي ئي خدا جي ياد ۾ مصروف ٿي وڃڻ ۾ ئي عافيت (يعني سلامتي) هوندي.“ ايترو چئي ڪري اهو بزرگ غائب ٿي ويو.

حضرت نُضَلہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هي واقعو صحابيءِ رسول حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي تفصيل سان لکي ڪري موڪلي ڇڏيو ۽ اُن اَميرُ اَلْمؤمنين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي طرف لکيو. جواب ۾ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي حڪم ڏنو تہ اوهان پاڻ سان گڏ مهاجرين ۽ انصار اصحابي سڳورن کي ساڻ ڪري ان جبل تي تشريف وٺي وڃو ۽ اهو بزرگ ڀيهر ملي تہ ان کي منهنجو سلام چئجو. حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ چار هزار مهاجرين ۽ انصار اصحابن کي ساڻ ڪري ان جبل تي پهتا ۽ 40 ڏينهن تائين لاڳيتو اَذان ڏيندا رهيا پر کو آواز يا جواب نہ آيو.

(تاريخِ بغداد ج ١٠ ص ٢٥٤، دلائل النبوة للبيهقي ج ۵ ص ۴٢۵ تا ۴٢٧)

اَللّٰہُ ربُّ العزت جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

سب صحابہ کا ہے یہ عقیدہ اٹل
ہیں یہ خیرُالوریٰ خاتمُ الانبیا

## ايمان تازو ڪندڙ موت (مدني بهار)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ختمِ نبوت جي عقيدي تي استقامت (يعني مضبوطي) حاصل ڪرڻ ۽ ايمان جي سلامتي جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، ”دعوتِ اسلامي“ جي پياري پياري ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِيْم! اهڙيون برڪتون

نصيب ٿينديون جو زندگي سان گڏوگڏ موت به قابلِ رشڪ ٿيندو، توهان جو ذوق ۽ شوق وڌائڻ جي لاءِ هڪ **مدني بهار** اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو: سگِ مدينه عُفي عنه وٽ وسيم عطاري نالي هڪ اسلامي ڀاءُ ايندو هو. ويچاري جي کابي هٿ ۾ ڪينسر ٿي ويو ۽ ڊاڪٽرن اهو هٿ ڪٽي ڇڏيو. ان جي علائقي جي هڪ اسلامي ڀاءَ سگِ مدينه کي ٻڌايو ته وسيم ڀاءُ گهڻي درد جي ڪري سخت تڪليف ۾ آهن. مان عيادت جي لاءِ اسپتال پهتُس ۽ تسلي ڏيندي ڪجهه هن طرح چيو: کابو هٿ (LEFT HAND) ڪٽجي ويو ان جو ڏُک نه ڪيو، اَلْحَمْدُلله ساڄيو هٿ RIGHT HAND ته محفوظ آهي ۽ سڀ کان وڏي سعادت هي آهي ته اَلْحَمْدُلله "ايمان" به سلامت آهي. اَلْحَمْدُلله مون انهن کي وڏو صبر ڪرڻ وارو ڏٺو، صرف مُسڪرائيندا رهيا ايستائين جو بستري تان اٿي ڪري مون کي ٻاهر به ڇڏڻ آيا. آهسته آهسته هٿ جي تڪليف ته ختم ٿي وئي پر ويچاري جو ٻيو امتحان شروع ٿي ويو ۽ اهو هي ته سيني ۾ پاڻي پرجي ويو، سخت تڪليف ۾ ڏينهن گذرڻ لڳا. آخرڪار هڪ ڏينهن تڪليف گهڻي وڌي وئي، ذِڪرُالله شروع ڪري ڏنو، **الله، الله** جي آواز سان ڪمرو گونجندو رهيو، طبيعت گهڻي خراب ٿي وئي، ڊاڪٽرن ڏي ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر انڪار ڪري ڇڏيائون، ڏاڏيءَ جان (انهن جو مٽو) محبت ۽ شفقت سان جهوليءَ ۾ کڻي ورتو، زبان تي ڪلمو طيّب جاري ٿيو لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ) ۽ تقريباً 22 سالن جو محمد وسيم عطاري فوت ٿي ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ط . جڏهن مرحوم کي غسل جي لاءِ کڻي وڃڻ لڳا ته اوچتو چادر چهري تان هٽي وئي، مرحوم جو چهرو گلاب

جي گلَ جيان ٽڙيل هو، غسل کان بعد ڇهري جي بهار ۾ اجان وڏيڪ نکار اچي ويو. تدفين کان بعد عاشقانِ رسول نعتون پڙهي رهيا هئا قبر مان خوشبوئن جي هُبڪار اچڻ لڳي پر جنهن سونگهي سو سونگهي گهر جي ڪنهن ماڻهوءَ انتقال کان بعد خواب ۾ مرحوم محمد وسيم عطاري کي گلن سان سجيل ڪمري ۾ ڏٺو، پڇيو: ڪٿي رهندو آهين؟ هٿ سان هڪ ڪمري جي طرف اشارو ڪندي چيائين: هي منهنجو گهر آهي، هتي مان تمام گهڻو خوش آهيان. پوءِ هڪ سجيل بستري تي سمهي رهيو. مرحوم جي والدِ محترم خواب ۾ پاڻ کي وسيم عطاري جي قبر وٽ ڏٺو، اوچتو قبر کُلي ۽ مرحوم مٿي تي عمامو سجائي اڇو ڪفن پائي باهر آيو ۽ ڪجهه گفتگو ڪيائين ۽ پوءِ قبر ۾ داخل ٿي ويو ۽ قبر بيهر بند ٿي وئي. اللّٰهُ ربُّ العزت جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تو نے اِسلام دیا تو نے جماعت میں لیا
تو کریم اَب کوئی پھرتا ہے عطیہ تیرا

**شرح ڪلامِ رضا:** يارسولَ الله! اوهان اسلام جي صورت ۾ اسان کي انعام سان نوازيو، پنهنجي امّت ۾ شامل فرمايو، اوهان ڪرم فرمائڻ وارا آهيو، ڇا اوهان دينِ اسلام جو انعام ڏيڻ کان بعد ان کي واپس به وٺي سگهو ٿا؟ (هرگز نه)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# 40 حديثون پهچائڻ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪو شخص منهنجي اُمّت تائين پهچائڻ جي لاءِ دين جي باري ۾ 40 حديثون ياد ڪندو تہ ڪيس الله پاڪ قيامت جي ڏينهن عالِمِ دين جي حيثيت سان اُٿاريندو ۽ قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفيع (يعني شفاعت ڪرڻ وارو) ۽ گواهہ بڻجندس.

(شُعبَ الْايمان ج ٢ ص ٢٧٠ حديث ١٧٢٦)

هن فرمانِ عالي مان چاليهہ حديثون ماڻهن تائين پهچائڻ مراد آهي توڙي جو اهي ياد نہ هجن. اَلْحَمْدُلِلّٰه! حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل فضيلت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان اسان جي پياري پياري آقا، محمد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آخري نبي هجڻ جي متعلق 40 حديثون پيش ڪيون پيون وڃن:

## ختمِ نبوت جي باري ۾ 40 حديثون

## نوراني محفل جي آخري سِرَ

(1) منهنجو ۽ گذريل انبياءِ ڪرام جو مثال ان شخص وانگر آهي جنهن هڪ خوبصورت گهر ٺهرايو ۽ ان کي سهڻو سجاياائين، پر اُن گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ سِرَ جي جڳهہ ڇڏي ڏنائين، ماڻهو اچي ان گهر کي ڏسڻ لڳا ۽ اُن تي تعجب جو اظهار ڪندي چوڻ لڳا تہ هتي سِرَ ڇو نہ لڳائي وئي آهي؟ پوءِ حضُور نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ”مان اها آخري (سِرَ) آهيان ۽ مان ئي نبين ۾ آخري نبي آهيان“.

(بخاری ج ٢ ص ٤٨٤ حديث ٣٥٣٥)

(2) ٻيءَ روايت ۾ هي الفاظ به آهن: ”مان اُن سِرَ جي جڳهه آهيان، منهنجي آمد کان بعد ۾ انبياءِ ڪرام جي آمد جو سلسلو خُتم (يعني مڪمل) ٿي ويو.“

(مسلم ص ٩٦٦ حديث ۵۹٦۳)

هيں وه قصرِ نبوّت کی اینٹ آخری قولِ شاہِ دِنا خاتَمُ الاَنبیا

**حديث جي شرح:** مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: سُبْحٰنَ الله! ڪيترو نه پيارو مثال آهي ”**نُبُوَّت**“ ڄڻ نوراني محل آهي، انبياءِ ڪرام (عَلَيهِمُ السَّلَام) ڄڻ هن جون نوراني سِرون آهن، حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڄڻ هن محل جي آخري سِرَ آهن جنهن تي هن عمارت جي انتها (COMPLETION) ٿي. هن مان معلوم ٿيو ته حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آخري نبي آهن، سندن زماني ۾ يا سندن کان بعد ڪوبه نبي ناهي. جيئن هن آخري سِرَ سان اهو محل مڪمل (COMPLETE) ٿي ويو ۽ ان کان بعد هن ۾ ڪنهن سِرَ جي گنجائش نه رهي ۽ ايئن ئي مون سان نبوت جو محل مڪمل ٿي ويو هاڻي ڪنهن نبيءَ جي ضرورت نه رهي. خيال رهي ته حضرت عيسٰي عَلَيهِ السَّلَام قيامت جي ويجهو زمين تي تشريف آڻيندا پر هُو اڳوڻا نبي آهن بعد جا نه (۽) هيءَ سِرَ پهريان جي لڳل آهي، پڻ هاڻي هو نبوت جي شان سان (يعني پنهنجي نبوت جا احڪام جاري ڪرڻ جي لاءِ) نه ايندا بلڪ حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا اُمّتي ٿي ڪري ايندا. خيال رهي ته آخري پٿ اهو آهي جنهن کان بعد ڪو پٿ پيدا نه ٿئي اهو ضروري ناهي ته پهريان ڄاول سيئي پُٽ مري چڪا هجن. حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ”**آخري نبي**“ هجڻ جي معنٰي هي آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ ۽

سندن زماني کان بعد ڪوبہ نبي پيدا نہ ٿيندو، جيڪڏهن تَڏِيلَ ڪي نبي (ظاهري طور تي بہ) زنده هجن تہ (ان ۾) حرج ناهي. چار نبي اڃان تائين (ظاهري طور تي) زنده آهن: بہ زمين تي حضرتِ خِضر ۽ حضرت الياس عَلَيهِمَا السَّلَام ۽ بہ آسمانن تي حضرت ادريس ۽ حضرت عيسٰي عَلَيهِمَا السَّلَام هنن جي زندگي حضورِ انور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي خَاتَمُ النَّبِيّين هجڻ جي خلاف ناهي. حضور اَوّل مخلوق آهن ۽ **آخري نبي** آهن.

(مراٰة ج ٨ ص ٧)

## خاتَمُ النَّبيّين جي معنٰي

شارحِ بخاري مفتي شريفُ الحق اَمجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خَاتَمُ النَّبِيّين جي معنٰي پاڻ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ”**آخري نبي**“ ٻڌائي آهي ۽ اها ئي معنٰي صحابہءِ ڪرام ٻڌائي ۽ انهيءَ تي اُمّت جو قطعي يقيني اِجْماع (يعني اِتّفاق) آهي، ان ڪري جيڪڏهن ڪو شخص هي چئي تہ خَاتَمُ النَّبِيّين جي معنٰي آخري نبي عوام جو خيال آهي ۽ ان ۾ ڪا فضيلت ناهي ۽ مقامِ مَدَح (يعني تعريف) ۾ ذڪر ڪرڻ جي قابل ناهي اهو بنا شڪ جي ڪافر آهي.

(نزهة القاری ج ٣ ص ٥١٠ مختصراً)

## ڇهہ فضيلتون

(3) مون کي ٻين نبين (عَلَيهِمُ السَّلَام) جي مقابل ڇهہ شيون اهڙيون ڏنيون ويون آهن جن ۾ سيني نبين تي فضيلت ڏني وئي آهي (1) مون کي جامع ڪلما عطا ڪيا ويا آهن (2) رعب جي ذريعي منهنجي مدد ڪئي وئي آهي. (3) منهنجي لاءِ غنيمت جا مال حلال ڪيا ويا آهن (4)

منهنجي لاءِ ساري زمين کي پاڪ ۽ نماز جي جڳهه بڻايو ويو آهي (5) مون کي ساري مخلوق ڏانهن (نبي بڻائي ڪري) موڪليو ويو آهي ۽ (6) منهنجي آمد تي انبياءِ ڪرام (جي سلسلي) کي ختم ڪيو ويو آهي.

(مسلم ص ٢١٠ حديث ١١٦٧)

**حديث جي شرح:** پنج ڇهه جو ذڪر فرمائڻ حد بندي جي لاءِ ناهي حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) کي **اَنيڪ** خوبين ۾ بزرگي ڏني وئي آهي. (مون کي جامع ڪلما ڏنا ويا آهن) جي وضاحت ۾ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: قرآنِ مجيد جا الفاظ بہ جامع آهن حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جا پنهنجا الفاظ بہ نهايت ئي جامع آهن جو لفظ گهٽ ۽ معنٰي ۽ مقصد تمام گهڻا. ڏسو حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) فرمائن ٿا: ”اعمال جو جو دارومدار نيّتن تي آهي، دين جي حقيقت خير خواهي آهي، ڪامل مؤمن اهو آهي جيڪو بيڪار ۽ غير مفيد ڳالهيون ڇڏي ڏي.“ ننڍا ننڍا جملا آهن پر سڄي شريعت ۽ طريقت انهن ۾ پريل آهي. (رعب جي ذريعي منهنجي مدد ڪئي وئي آهي) جي وضاحت ۾ مفتي صاحب فرمائن ٿا: جيڪي دشمن مون سان جنگ ڪرڻ اچن اجان هو هڪ مهيني جي مسافت تي مون ڪان پري هوندا آهن تہ انهن جي دل ۾ منهنجي هيبت طاري ٿي ويندي آهي توڙي جو اهي جنگ ڪن پر هيسيل ٿي ڪري. (مون کي ساري مخلوق ڏانهن (نبي بڻائي ڪري) موڪليو ويو آهي) جي وضاحت ڪندي مفتي صاحب تحرير ڪيو آهي: ساري مخلوق جاندار هجي يا بي جان، عاقِل (يعني عقل واري) هجي يا غيرِ عاقِل (يعني بي عقل) سڀني تي حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي نُبُوَّت، حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جا احڪام (موقعي موجب) نافذ آهن. (منهنجي آمد تي انبياءِ ڪرام (جي سلسلي) کي ختم ڪيو ويو آهي) ان جي

شرح ۾ مفتي صاحب لکن ٿا: مان آخري نبي آهيان جنهن تي نُبُوَّت جو دور ختم ٿي ويو منهنجي زماني ۾ يا مون کان بعد ڪوبه نبي ناهي. (مرأۃ ج ۸ ص ۱۰،۱۱ سے مختصراً) جن چئن نبين: حضرتِ خِضر، حضرتِ الياس، حضرتِ ادريس ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيهِمُ السَّلَام کي اجان ظاهري طور تي وفات نه آئي آهي، بيشڪ اهي نبي ٿي آهن، پر سيني کان آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مَبعوث ٿيڻ کان بعد پنهنجي آنڌل شريعت جي تبليغ نه ڪندا.

## مان عاقِب آهيان

(4) منهنجا پنج نالا آهن، مان محمد آهيان، مان احمد آهيان، مان ماحي (يعني مٽائڻ وارو) آهيان جو الله پاڪ منهنجي ذريعي ڪفر مٽائي ڇڏيندو، مان حاشِر آهيان جوته ماڻهو منهنجي قدمن تي (يعني منهنجي پنيان قيامت جي ڏينهن[2]) گڏ ٿيندا ۽ مان عاقِب آهيان. (بخاری ج ۲ ص ۴۸۴ حدیث ۳۵۳۲) تابعي بزرگ، امام زُهري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عاقِب اهو شخص آهي جنهن کان بعد ٻيو ڪوبه نبي نه هجي.

(مسلم ص ۹۸۵ حدیث ۶۱۰۷)

شہِ انبیا ہے، خدا کا ہے پیارا — وہ نبیوں میں سن لو! نبی آخری ہے
محمد ہے احمد، ہے سلطانِ بطحا — وہ نبیوں میں سن لو! نبی آخری ہے

---

2 نزهة القاری ج ۴ ص ۵۰۸

# تمام نبين جا سردار

(5) مان رسولن جو قائد آهيان ۽ هيءُ ڳالهه مان فخريه نه ٿو چوان، مان خَاتَمُ النَّبِيِّين(يعني آخري نبي) آهيان ۽ هيءُ ڳالهه مان فخريه طور نه ٿو چوان ۽ مان سڀ کان پهريون شفاعت ڪرڻ وارو ۽ مان ئي آهيان سڀ کان پهريون آهيان جنهن جي شفاعت قبول ڪئي ويندي ۽ هيءُ ڳالهه مان فخريه طور نه ٿو چوان.

(دارمی ج ۱ ص ۴۰ حديث ۴۹)

**حديث جي شرح:** حديث پاڪ جي هن حصي (مان رسولن جو قائِد آهيان) جي وضاحت ۾ "مِرآت" ۾ آهي: حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جنّت ۾ سيني نبين کان پهريان ويندا ۽ تمام نبي حضور جي پٺيان پٺيان هوندا ان لحاظ سان حضور قائِدُ المُرسلين (يعني رسولن جا قائِد) آهن.
(مرآت ج ۸ ص ۲۸)

# خاتَمُ النَّبِيِّين

(6) بيشڪ مان الله پاڪ وٽ اُن وقت به آخري نبي هيس جڏهن (حضرت) آدم (عَلَيْهِ السَّلَام) پنهنجي مٽيءَ ۾ گُوهيل هئا.

( الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان ج ۸ ص ۱۰۶ حديث ۶۳۷۰)

(7) بيشڪ مان آخِرُ الْاَنبياء (يعني سيني نبين ۾ آخري نبي) آهيان ۽ منهنجي مسجد آخِرُ الْمَساجد آهي. (مسلم ص ۵۵۳ حديث ۳۳۷۶)

## آخرُ المساجِد جي معنٰي

(8) ٻي روايت ۾ هي الفاظ آهن: ”مان سڀني نبين ۾ آخري نبي آهيان ۽ منهنجي مسجد نبين جي مسجدن ۾ آخري مسجد آهي.“ (الفردوس ج ۱ ص ۴۵ حديث ۱۱۲) مطلب هي ته حضرت محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد نه ڪو نبي ٿيندو نه ڪنهن نبيءَ جي مسجد ٺهندي.

## جنّت ۾ داخل ٿيڻ وارو

(9) اي انسانو! بيشڪ مون کان بعد ڪوبه نبي ناهي اچڻو ۽ نه ئي توهان کان بعد ٻي ڪا امّت. ٻڌو! توهان پنهنجي ربّ جي عبادت ڪندا رهو، پنج وقت نمازون پڙهندا رهو، رمضان جي مهيني جا روزا رکو، پنهنجي مال مان دل سان زڪوٰة ادا ڪيو، ۽ پنهنجي حاڪمن جي (جائز) فرمانبرداري ڪيو ته توهان جو رب توهان کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو. (معجم کبير ج ۸ ص ۱۱۵ حديث ۷۵۳۵)

## مون کان بعد هرگز ڪو نبي ناهي

(10) بني اسرائيل ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام حڪومت ڪندا هئا، جڏهن هڪ نبي جي وفات ٿيندي هُئي ته ٻيو نبي ان جو خليفو ٿيندو هو، (پر ياد رکو!) **مون کان بعد هرگز ڪوبه نبي نه آهي**، پر عنقريب گهڻي تعداد ۾ منهنجا خليفا ٿيندا. (بخاري ج ۲ ص ۴۶۱ حديث ۳۴۵۵)

**حديث جي شرح:** يعني نه ڪو منهنجي زماني ۾ نبي آهي جيڪو منهنجي موجودگيءَ ۾ منهنجو خليفو هجي جيئن هارون عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي موجودگيءَ ۾ ڪجهه ڏينهن جي لاءِ عارضي

(يعني TEMPOROAY) خليفا ٿيا جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيهِ السَّلَام توريت وٺڻ ڪوهه طور تي ويا. ۽ نه ئي مون کان بعد ڪو نبي آهي جيڪو منهنجو مُستقل (يعني PERMANENT) خليفو هجي، تنهنڪري منهنجا خليفا منهنجي دين جا بادشاهه آهن ۽ باطني خليفا اولياء ۽ عالم سڀُورا آهن. (مراة ج ۵ ص ۳۴۶)

(11) نُبُوَّت مان ڪجهه باقي نه رهيو صرف بشارتون باقي آهن، صحابهءِ ڪرام عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! بشارتون ڇا آهن؟ ارشاد فرمايائون: ” سُٺا خواب“. (بخاری ج ۴ ص ۴۰۴ حدیث ۶۹۹)

(12) مون کان بعد ۾ نُبُوَّت باقي نه رهندي سواءِ بشارتون، (يعني) سُٺو خواب جو پاڻهو پاڻ ڏسي يا ان جي لاءِ ٻي ڪي ڏيکاريو وڃي.

(مسند امام احمد بن حنبل ج ۹ ص ۴۵۰ حدیث ۲۵۰۳۱)

(13) بيشڪ رسالت ۽ نبوت ختم ٿي وئي، هاڻ مون کان بعد نه ڪو رسول آهي نه نبي. (ترمذی ج ۴ ص ۱۲۱حدیث ۲۲۷۹)

(14) مان محمد آهيان، مان احمد آهيان، مان رحمت وارو نبي آهيان، مان توبهه جو نبي آهيان، مان سيني ۾ آخري نبي آهيان، مان حاشِر آهيان،[1] مان جهادن جو نبي آهيان.

(شمائلِ ترمذی ص ۲۱۵ حدیث ۳۶۱، فتاوٰی رضویہ ج ۱۵ ص ۶۵۷)

اُن کے ہر نام ونسبت پہ نامی دُرود
اُن کے ہر وقت وحالت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشِش)

[1] ”حاشِر“ جي تفصيل حديث 4 ۾ موجود آهي.

(15) مان احمد آهيان، محمد آهيان ۽ مُقَفّٰي (مُ. قَفّ. فا) آهيان.

(معجمِ اوسط ج ۱ ص ۲٦٦ حديث ۳۲٦)

مُقَفّٰي جي معنٰي آهي: اٰخِرُالْاَنْبِيَاء يعني سڀني نبين ۾ آخري نبي.

(الاستذكار لا بن عبد البر ج ۲ ص ۳۲٦)

(16) اسان زماني ۾ سڀ کان آخري ۽ قيامت ۾ سڀ کان پهريان آهيون.

(بخاري ج ۱ ص ۳۰۳ حديث ۸۷٦)

## سڀ کان پهريان جنّت ۾ وڃڻ واري اُمّت

شارحِ مسلم، حضرت امام نَوَوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: عالم سڳورن فرمايو: هن حديث جو مطلب هي آهي ته اسان دنيا ۾ تشريف آڻڻ جي اعتبار سان آخر ۾ آهيون فضيلت ۽ جنّت جي اعتبار سان پهريان آهيون لهٰذا هيءَ اُمّت گُذرِيَل تمام اُمَّتُن کان پهريان جنّت ۾ داخل ٿيندي.

(شرح مسلم للنووی ج ٦ ص ۱۴۲)

(17) اسان دنيا ۾ سڀ کان بعد ۾ ۽ قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان هونداسين، جن جو فيصلو قيامت جي ڏينهن سڀني کان اڳ ۾ ٿيندو.

(مسلم ص ۳۳۲ حديث ۱۹۸۲)

## خُوبين سان ڀرپور مُختصر ڳالهه

(18) الله پاڪ منهنجي لاءِ ڪمال اختصار فرمايو، ته اسان سڀني کان آخري ۽ قيامت جي ڏينهن اسان سڀني کان پهريان آهيون.

(دارمی ج ۱ ص ۵۴ ملخصاً)

حديث پاڪ جي هن حصي (ڪمال اِختِصار فرمايو) جي هڪ معنىٰ هي بہ آهي: مونکي اِختصارِ ڪلام (يعني خوبين سان ڀرپور مُختصر ڳالھ ڪرڻ جو ڪمال) بخشيو جو گھٽ لفظ هجن ۽ معنىٰ ڪثير.

(فتاوىٰ رضويہ ج ۳۰ ص ۲۱۰)

(19) بيشڪ مان موڪليو ويُس ڇوليون هڻندڙ رحمت جو دريا بڻائي ڪري ۽ نبوت ۽ رسالت کي ختم ڪندڙ.

(شعب الايمان ج ۴ ص ۳۰۸ حديث ۵۲۰۲، فتاوىٰ رضويہ ج ۱۵ ص ۶۶۱)

(20) مان تخليق ۾ سيني نبين کان پهريان آهيان ۽ بعثت ۾ سيني نبين کان آخر ۾ مبعوث ڪيو ويو آهيان.

(شعب الايمان ۴ ص ۳۰۸ حديث ۵۲۰۲، فتاوىٰ رضويہ ج ۱۵ ص ۶۶۱)

(21) مان آخري نبي آهيان ۽ توهان آخري اُمّت آهيو.

(ابنِ ماجہ ج ۴ ص ۴۰۴ حديث ۴۰۷۷)

## سيني نبين کان افضل هجڻ جو سبب (واقعو)

حضرت سَهل بن صالح هَمداني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت امام باقِر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو: پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ سيني انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام کان بعد ۾ موڪليا ويا پوءِ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سيني انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام تي فضيلت ۽ عظمت ڪيئن حاصل ٿي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: **الله پاڪ** جڏهن روزِ ميثاق (يعني واعدي جي ڏينهن) ماڻهن جي پُٺين مان سندن اولاد ڪڍيو ۽ انهن کي خود انهن تي گواهہ بڻائي ڪري فرمايو: ڇا مان توهان جو رب ناهيان، تہ سڀ کان پهريان

رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عرض ڪيو: بَلٰي يعني ”هائو چونه“ انهي ڪارڻ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سيني انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام تي فضيلت ۽ اُچائي حاصل ٿي، حالانڪ پاڻ سيني کان بعد ۾ دنيا ۾ مبعوث ڪيا ويا.

(خصائص کُبریٰ ج ۱ ص ۷)

قرنوں بدلی رسولوں کی ہوتی رہی چاند بدلی کا نکلا ہمارا نبی
کیا خبر کتنے تارے کھلے چھپ گئے پر نہ ڈوبے نہ ڈوبا ہمارا نبی

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

(22) سيني نبين کان پهريان نبي (حضرت) آدم (عَلَيْهِ السَّلَام) آهن ۽ سيني کان آخري نبي (حضرت) محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) آهن.

(الاوائل للطبرانی ص ۳۹ حدیث ۱۳)

(23) لَوْ كَانَ بَعْدِیْ نَبِیٌّ لَكَانَ عُمَرَبْنَ الْخَطَّابِ يعني جيڪڏهن مون کان بعد ۾ ڪو نبي هجي ها ته اُهو عمر هجي ها. (ترمذی ج ۵ ص ۳۸۵ حدیث ۳۷۰۶) (پر ياد رکو مان ئي الله جو آخري نبي آهيان.)

حديث جي شرح: امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: يعني پاڻ (رَضِیَ اللهُ عَنْه) جي فطرت ايتري ڪامل هئي جو جيڪڏهن نُبُوَّت جو دروازو بند نه ٿئي ها ته صرف فضلِ الٰهي سان هُو نبي ٿي سگهيو ٿي ڇوته پنهنجي ذات جي اعتبار سان ڪوبه نُبُوَّت جو مُستحق نٿو ٿي سگهي.

(فتاویٰ رضویہ ج ۲۹ ص ۳۷۳)

(24) ابوبڪر( رَضِیَ اللّٰہ عَنْه) انبياء (۽ مُرسلين) کان سواءِ تمام ماڻهن کان افضل آهن.

(الکامل لا بن عدی ج ٦ ص ۴٨۴)

## 30 ڪوڙا نبي ٿيندا

(25) عنقريب منهنجي اُمّت ۾ ٽيهه تمام وڏا ڪوڙا (پيدا) ٿيندا، انهن مان هر هڪ دعويٰ ڪندو تہ اهو نبي آهي حالانڪ مان خَاتَمُ النَّبِيّين (يعني آخري نبي) آهيان ۽ مون کان بعد ڪوبہ نبي ناهي.

(ابو داؤد ج ۴ ص ١٣٢ حديث ۴٢۵٢)

## حديث جي شرح

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: هي 30 ڪوڙا نبي اهي آهن جن کي ماڻهن نبي مڃي ورتو ۽ انهن جو فساد پکڙجي ويو، بي قِسم جي نُبُوّت جي دعويٰ ڪرڻ وارا جنهن کي ڪنهن بہ نہ مڃيو اهي بکواس ڪري مري ويا اهي تہ گهڻا آهن.

(مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا:) معلوم ٿيو تہ خاتَمُ النَّبِيّين جي معنٰي آهي آخري نبي چوتہ ان جي زماني ۾ ۽ ان جي زماني کان بعد ڪو نبي نہ بڻجي. هن معنٰي تي اُمّت جو اجماع (يعني اتفاق) آهي جيڪو چئي هن جي معنٰي ”آخري نبي“ ناهي بلڪ اصلي نبي آهي اهو ڪافر آهي.

(مرأة ج ٧ ص ٢٢٠،٢١٩ سے خُلاصہ)

(26) منهنجي اُمّت ۾ ڪوڙي نبوت جا دعويدار ۽ دجال ٿيندا (ء) انهن مان چار عورتون بہ هونديون ۽ مان آخري نبي آهيان مون کان بعد ڪوبہ نبي ناهي.

(معجم کبير ج ٣ ص ١٦٩ حديث ٣٠٢٦)

## مولا علي جو شان عظمت نشان

(27) حضور پُر نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن غزوهٔ تبوڪ جي لاءِ نڪتا تہ حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْه کي پنيان مديني ۾ پنهنجو نائب مقرر فرمايائون تہ حضرت علي ڪرم اللّٰہ وجهَہ الڪريم عرض ڪيو: يا رسولَ اللّٰہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون کي عورتن ۽ ٻارن وٽ ڇڏي ٿا وڃو، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو تہ اي علي ڇا تون ان ڳالھ تي راضي ناهين تہ تون هتي منهنجي نائب (هجڻ جي حيثيت) سان ايئن رهين جيئن موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) جڏهن پنهنجي رب سان ڪلام جي لاءِ حاضر ٿيو تہ هارون (عَلَيْهِ السَّلَام) کي پنهنجي نائب (هجڻ جي حيثيت) سان ڇڏي ويو هو، ها هي فرق آهي تہ هارون (عَلَيْهِ السَّلَام) نبي هو ۽ جڏهن ڪان مان نبي ٿيس پي جي لاءِ نبوت ناهي.

(مسلم ص ١٠٠٦ حديث ٦٢١٨ ترمذي ج ٥ ص ٤٠٧ حديث ٣٧٤٥)

## حديث جي شرح

شارح بخاري حضرت مفتي شريفُ الحق امجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) جڏهن ڪوه طور تي توريت وٺڻ ويا تہ حضرت هارون (عَلَيْهِ السَّلَام) کي عارضي طور تي (TEMPORARY) پنهنجي واپسي تائين پنهنجو نائب مقرر ڪيو هو جيڪو سندن واپسيءَ ڪان

بعد ختم ٿي ويو هِن تَمثيل (يعني مثال) ظاهر ڪري ڇڏيو تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت علي کي عارضي طور تي تبوڪ کان واپسيءَ تائين پنهنجو نائب بڻايو هو (ءِ) هيءَ نيابت بہ محدود هئي صرف انتظامي معاملات تائين.

(نز ہتہ القاری ج ۴ ص ۲۰۲)

**(28)** علي مون سان ايئن آهن جيئن موسٰي ﷷ هارون ﷷ (چوتہ ياءُ بہ آهي ﷷ نائب بہ) پر لَانَبِیَّ بَعۡدِیۡ مون کان بعد ڪوبہ نبي ناهي.

(تاريخ بغداد ج ۷ ص ۴۰۲)

(29) مان محمد، اُمّي نبي (يعني دنيا ۾ ڪنهن کان پڙهي بغير پڙهڻ وارو نبي) آهيان (ان کي ٽي ڀيرا فرمايو) ﷷ لَا نَبِیَّ بَعۡدِیۡ مون کان بعد ڪوبہ نبي نہ آهي.

(مسند امام احمد ج ۲ ص ۶۲۶ حديث ۷۰۰۰)

(30) مون جيڪو ڪجھ گهريو الله پاڪ مون کي عطا فرمايو پر مون کي هي فرمايو ويو تہ اوهان کان بعد ڪوبہ نبي ناهي.

(السنة لا بن ابی عاصم ص ۳۰۳ حديث ۱۳۴۸)

اے ختمِ رُسُل مکّی مدنی
کونین میں تم سا کوئی نہیں

## توسچ چيو

**(31)** منڪر نڪيرين قبر ۾ ايندا پوءِ ميت کان پڇا ڪندا: "تنهنجو رب ڪير آهي؟ تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ تنهنجو نبي ڪهڙو آهي؟" هي

جواب ڏيندو: منهنجو رب الله آهي جنهن جو ڪوبہ شريڪ ناهي ۽ منهنجو دين اسلام آهي ۽ منهنجو نبي (حضرت) محمد (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) آهي ۽ سيني نبين کان آخري نبي آهي ملائڪ چوندا: تو سچ چيو.

(ذکر الموت مع موسوعة للامِ ابنِ ابی الدنیا ج ۵ ص ۲۵۳ ، شرح الصدور (اُردو) ص ۱۳۰ مختصراً)

## هڪ خواب جي تعبير

(32) حضرت اِبنِ زِمّل رَضِیَ اللهُ عَنْه جي خواب جي تعبير بيان ڪندي فرمايائون: رهي اها ڏاچي جنهن کي تو خواب ۾ ڏٺو ۽ هي تہ مان اُن کي هلائي رهيو آهيان تہ ان مان مراد قيامت آهي نہ مون کان بعد ڪو نبي ٿيندو ۽ نہ ئي منهنجي اُمّت کان بعد ڪا امّت ٿيندي.

(دلائل النبوة للبيهقي ج ۷ ص ۳۸ مختصراً)

## انهن جي اڳيان نور دوڙندو هوندو

(33) بيشڪ الله پاڪ قيامت جي ڏينهن پين کان پهريان (حضرت) نوح (عَلَيۡهِ السَّلَام) ۽ سندس قوم کي گهرائي ڪري فرمائيندو: توهان نوح کي ڪهڙو جواب ڏنو؟ اهي چوندا: نوح (عَلَيۡهِ السَّلَام) نہ اسان کي تنهنجي طرف سڏيو، نہ تنهنجو ڪو حڪم پهچايو، نہ ئي ڪجهہ نصيحت ڪئي، نہ وري ها يا نہ جو ڪو حڪم ٻڌايو، نوح (عَلَيۡهِ السَّلَام) عرض ڪندا: الٰهي مون ڪين اهڙي دعوت ڏني، جنهن جي خبر هڪٻئي پٺيان سيني اڳين پٺين ۾ پکڙجي وئي، ايستائين جو (اها خبر) سڀ کان آخري نبي (حضرت) احمد (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) تائين پهتي، پاڻ (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) ان کي لکيو ۽ پڙهيو (يعني قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيو جنهن کي لکيو ۽ پڙهيو ويو) ۽ ان تي ايمان آندائون ۽ ان جي تصديق فرمائي. الله پاڪ فرمائيندو: احمد (صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ احمد جي اُمّت کي گهرايو. تہ رسول

الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ۽ سندن اُمّت هن حالت ۾ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيندا جو سندن اکيان نور ڊوڙندو هوندو اهي نوح (عَلَيْهِ السَّلَام) جي گواهي ڏيندا (يعني تصديق ڪندا).

(المستدرک ج ۳ ص ۴۱۵ حديث ۴۰۶۲, فتاوٰی رضويہ ج ۱۵ ص ۶۹۰).

## قيامت جي ڏينهن ساري مخلوق آخري نبي چوندي

(34) اوّلين ۽ آخرين منهنجي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪندا: ”حُضور اوهان الله پاڪ جا رسول ۽ خَاتَمُ الْاَنبياء يعني آخري نبي آهيو، اسان جي شفاعت فرمايو.“

(بخاری ج ۳ ص ۲۶۰ حديث ۴۷۱۲ ملخصاً)

يَا شَفِيْعَ الْوَرٰی سَلَامٌ عَلَيْکَ | يَا نَبِيَّ الْهُدٰی سَلَامٌ عَلَيْکَ
خَاتَمَ الْاَنْبِيَاء سَلَامٌ عَلَيْکَ | سَيِّدَ الْاَصْفِيَاء سَلَامٌ عَلَيْکَ

## جيڪڏهن محمد نہ هجي ها تہ مان توکي پيدا نہ ڪيان ها

(35) (حضرت) آدم (عَلَيْهِ السَّلَام) کان جڏهن اجتهادي خطا ٿي، پاڻ (عَلَيْهِ السَّلَام) عرش جي طرف پنهنجو مٿو مبارڪ ڪنيو ۽ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: ”اي الله پاڪ! مان توکي محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جو واسطو ڏئي ڪري سوال ڪريان ٿو تہ منهنجي مغفرت فرماءِ.“ الله پاڪ ارشاد فرمايو: اي آدم! تو محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪيئن سڃاتو حالانڪ مون تہ اڃا ان کي پيدا ئي نہ ڪيو آهي؟ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي الله پاڪ! جڏهن تو مون کي پنهنجي قدرت سان تخليق فرمايو هو تہ مون مٿو کڻي عرش جي پاين تي ڏٺو تہ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ لکيل هو پوءِ مون ڄاڻي ورتو تہ تو انهيءَ جو

نالو پنهنجي پاڪ نالي سان گڏ ملايو هوندو جيڪو توکي تمام جهانن کان وڌيڪ پيارو آهي ۽ تو وٽ سڀني کان وڌيڪ عزت آهي. اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو: اي آدم! تو سچ چيو، بيشڪ اهو مون کي تمام جهانن کان وڌيڪ پيارو آهي، جڏهن تو مون کان ان جو واسطو ڏئي ڪري معافي طلب ڪئي تہ مون تنهنجي خطا معاف فرمائي ڇڏي وَلَوۡلَا مُحَمَّدٌ مَا خَلَقۡتُكَ يعني جيڪڏهن محمد نہ هجي ها تہ مان توکي پيدا نہ ڪيان ها.[1] طبرانيءَ جي روايت ۾ **هي اضافو آهي**: ۽ هو تنهنجي اولاد مان سڀني کان آخري نبي آهي ۽ ان جي اُمّت تنهنجي اولاد مان سڀني کان آخري اُمّت آهي.

(معجم صغير جزء ثانی ص ۸۲، فتاوٰی رضويہ ج ۱۵ ص ۶۳۳)

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا، وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو

جان ہیں وہ جہان کی، جان ہے تو جہان ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

(36) جڏهن حضرت آدم (عَلَيۡهِ السَّلَام) جنّت کان هِند ۾ لٿو تہ وحشت (۽ تنهائي) محسوس ڪرڻ لڳو، (ان جي گهبراهٽ ۽ وحشت دور ڪرڻ جي لاءِ) جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام لهي ڪري اَذان ڏني، جڏهن نالو پاڪ آيو تہ حضرت آدم (عَلَيۡهِ السَّلَام) پڇيو: (اي جبريل) محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪير آهي؟ جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام چيو: اوهان جي اولاد مان سڀني کان آخري نبي.

(ابنِ عساکر ج ۷ ص ۴۳۷ مختصراً فتاوٰی رضويہ ج ۱۵ ص ۶۴۰)

---

1 المستدرک ج ۳ ص ۵۱۷ حديث ۴۲۸۶

# توريت شريف ۾ ذڪر

(37) (حضرت) موسيٰ (ڪليمُ الله عَلَيهِ السَّلَام) تي جڏهن توريت شريف نازل ٿيو ته پاڻ توريت کي پڙهيائون ته اُن ۾ هن اُمّت جو ذڪر ڏٺائون ته بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيائون: اي منهنجا رب! هن ۾ هڪ اُمّت جو ذڪر ڏسان پيو جو اها زماني ۾ سيني کان آخري ۽ مرتبي ۾ سيني کان پهريان آهي، سو هيءَ منهنجي اُمّت ڪري ڇڏ. الله پاڪ ارشاد فرمايو: هيءَ احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي امّت آهي.

(دلائل النبوّة لا بی نعیم ص ۳۳ حدیث ۳۱، فتاوٰی رضویہ ج ۱۵ ص ۲۳۳)

کتابِ حضرتِ موسیٰ میں وصف ہیں ان کے
کتابِ عیسیٰ میں اُن کے فسانے آئے ہیں
اُنہیں کی نعت کے نغمے زبور سے سُن لو
زبانِ قرآں پہ اُن کے ترانے آئے ہیں

(سامانِ بخشش ص ۱۲۵)

# سڀ کان پهريان ۽ سڀ کان آخري

(38) الله پاڪ جڏهن (حضرت) آدم (صفيُ الله عَلَيهِ السَّلَام) کي پيدا فرمايو ۽ ان کي سندس پٺ ڏيکاريا ويا پاڻ عَلَيهِ السَّلَام انهن مان هرهڪ کي فضيلت ۽ مرتبي جي اعتبار سان لڏائون ۽ انهن سيني جي آخر ۾ بلند ۽ روشن نور ڏٺائون ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيائون: اي الله! هي ڪير آهي؟ فرمايو: هي تنهنجو پٽ ”احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهي، هيءُ ئي اوّل (يعني پهريون) آهي ۽ هيءُ ئي آخر آهي ۽ هيءُ ئي

سيني ڪان پهريون شفيع(يعني شفاعت ڪرڻ وارو) ۽ هيءُ ئي آهن جنهن جي سيني ڪان پهريون شفاعت قبول ڪئي ويندي.

(دلائل النبوة للبيهقي ج ۵ ص ۴۸۳، كنز العمال ج ۱۱ ص ۱۹۷ حديث ۳۲۰۵۳)

زات ہوئی انتخاب وصف ہوئے لاجواب
نام ہوا مُصطفٰی تم پہ کروروں دُرُود

## پهريان ۾ آخري نبي

(39) حضرت ابو هريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: (معراج جي رات) رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آسمانن تي اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام سان ملاقات فرمائي ته سيني الله پاڪ جي حمد (يعني تعريف) بيان ڪئي آخر ۾ سيني ڪان آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: توهان سيئي الله پاڪ جي تعريف بيان ڪري چڪا، هاڻي مان بيان ڪيان ٿو: ”سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن مون کي تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ۽ سيني ماڻهن جي لاءِ خوشخبري ۽ ڊيڄاريندڙ بڻائي ڪري موڪليو ۽ مون تي قرآنِ ڪريم نازل فرمايو جنهن ۾ هر شيءِ جو روشن بيان آهي ۽ منهنجي اُمّت کي بهتر اُمّت بڻايائين انهن سيني اُمّتن ۾ جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون، ۽ انهيءَ کي اوّل ۽ انهيءَ کي آخر رکيو منهنجي لاءِ منهنجو ذڪر بلند فرمايائين ۽ مون ڪان نُبُوَّت جي ابتداء فرمايائين ۽ مون تي ئي نُبُوَّت کي ختم فرمايائين.“ هي ٻڌي ڪري حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَيهِ السَّلام تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام کي فرمايو: ”هنن ڳالهين جي ڪري محمد صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ توهان سيني ڪان افضل آهن.“ پوءِ حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سِدرةُ المُنتهٰي (سِدۡ. رَ. تُلۡ. مُنۡ. تَها) تي تشريف کڻي ويا. پوءِ الله پاڪ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

سان ڪلام فرمايو ۽ هي به فرمايو: مون توکي سيني نبين کان پهريان پيدا ڪيو ۽ سيني کان بعد ۾ موڪليو ۽ توکي فاتح ۽ خَاتَم (يعني کولڻ وارو ۽ سيني کان آخري) ڪيو.

(تفسيرِ طبری ج ۸ ص ۹ تا ۱۱ حديث ۲۲۰۲۱ ، فتاوٰی رضويہ ج ۱۵ ص ۶۳۷ مختصراً و ملتقطاً)

تم ہو اوّل، تم ہو آخر، تم ہو باطن، تم ہو ظاہر
حق نے بخشے ہیں یہ اَسما، صَلَّی اللہُ عَلَیۡکَ وَسَلَّم

## منهنجي حُضور جي چپن تي اَنَا لَهَا هوندو

(40) جڏهن ماڻهو تمام اَنبِياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام کان شفاعت جي معاملي ۾ مايوس ٿي ويندا ته حضرت عيسٰي روحُ الله عَلَيهِ السَّلَام وٽ حاضر ٿي ڪري شفاعت جي درخواست ڪندا، پاڻ عَلَيهِ السَّلَام فرمائيندا: مان هن منصب جو اهل ناهيان، (حضرت) محمد صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ خَاتَمُ النَّبِيّين (يعني سيني نبين کان آخري نبي) آهن هتي تشريف فرما آهن. ماڻهو مون وٽ حاضر ٿي ڪري شفاعت طلب ڪندا مان فرمائيندس: اَنَا لَهَا يعني مان هن (ڪم) جي لاءِ آهيان.

(مسند ابو یعلٰی ج ۲ ص ۳۶۸ حديث ۲۳۲۴ ، فتاوٰی رضويہ ج ۱۵ ص ۶۳۹ سے خلاصہ)

کہیں گے اور نبی اِذۡھَبُوۡا اِلٰی غَیۡرِی
مرے حضور کے لب پر اَنَا لَھَا ہوگا

**شرح ڪلامِ حسن:** قيامت جي ڏينهن ماڻهو نبين جي بارگاهه ۾ شفاعت جي درخواست ڪندا ته سڀ فرمائيندا: ”مون کان علاوه ڪنهن ٻي وٽ وڃو.“ جڏهن هر طرف کان مايوس ٿي ڪري الله جي سيني کان آخري

نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه بيڪَس پناهه ۾ شفاعت جي خيرات وٺڻ لاءِ حاضر ٿيندا تہ ارشاد ٿيندو: (ها ها) مان هن ڪم جي لاءِ آهيان.

دے دے شفاعت کی مجھے خیرات خیر سے
روزِ قیامت بخشوا،اے آخری نبی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجهہ نہ لڪايو پر...(واقعو)

تابعي بزرگ حضرت ڪَعۡبُ الۡاَحۡبار رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجو والد توريت شريف جو علم رکڻ وارن مان سڀ کان وڌيڪ علم رکندو هو، اللہ پاڪ جيڪو ڪجهہ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي نازل فرمايو، ان جو علم منهنجي والد جي برابر ڪنهن کي نہ هو، هو پنهنجي علم مان مون کان ڪجهہ نہ لڪائيندو هو، جڏهن سندن آخري وقت آيو تہ مونکي گهرائي ڪري چيائين: اي منهنجا پٽ! توکي معلوم آهي تہ مون پنهنجي علم مان ڪا شيءِ توکان ناهي لِڪائي، پر ها بہ صفحا (SHEETS) رکيا آهن، انهن ۾ هڪ نبيءَ جو بيان آهي جنهن جي تشريف ڪٽي اچڻ جو زمانو ويجهو اچي پهتو آهي، مون هن خوف کان توکي انهن بن صفحن جي خبر نہ ڏني تہ ڪاٿي ايئن نہ تي ڪو(نبي هجڻ جي ڪوڙي دعويٰ ڪرڻ وارو) نڪري پوي ۽ تون ان جي پٺيان لڳي پئين، هي صندوق تنهنجي سامهون آهي، مون ان ۾ اهي صفحا SHEETS رکي ڪري مٿان مٽيءَ جو ليپو ڏئي ڇڏيو آهي، اجا هنن ورقن کي نہ ڏسجانءِ، جڏهن اهو نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف آڻيندو ۽ جيڪر اللہ پاڪ تنهنجو ڀلو چاهيندو تہ تون پاڻ ئي سندن پٺيان هلڻ وارو

ٻڌجي ويندي، هي چئي ڪري بابا سائين فوت ٿي ويو. اسان سندن دفن ڪان فارغ ٿياسين ته مون ڪي انهن صفحن کي ڏسڻ جو شوق هر شيءِ ڪان وڌيڪ هو، مون صندوق کولي ۽ صفحا ڪڍي ڏٺا ته چا ته ڏسان ته انهن تي لکيل آهي:

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّنَ لَا نَبِيَّ بَعْدَهٗ مَوْلِدُهٗ بِمَكَّةَ وَمُهَاجَرُهٗ بِطَيْبَةِ

يعني محمد الله جو رسول آهي، آخري نبي آهي، ان کان بعد ڪوبه نبي ناهي، سندس پيدائش مکي ۾ (ٿيندي) ۽ هو مديني جي طرف هجرت ڪرڻ وارو آهي.

(خصائصِ کبریٰ ج ۱ ص ۲۵)

بعد آپ کے ہر گز نہ آئے گا نبی نیا
وَاللہ! ایماں ہے مرا، اے آخری نبی

ہے دست بستہ سر جھکا کر عرض سیّدی!
تو خواب میں جلوہ دکھا، اے آخری نبی

آلائیشوں سے پاک کر کے میرے دل میں تو
آجا سَما جا گھر بنا، اے آخری نبی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابهءِ تابعين جا 5 ارشادات

## (1) ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ تحرير

صحابيءِ رسول حضرت جابر بن عبدُ الله رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: حضرت آدم صفيُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ لکيل هو: مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّن ”يعني: محمد الله جو رسول ۽ آخري نبي آهي،

(مختصر تاريخ دمشق ج ۲ ص ۱۳۷، فتاوٰی رضویہ ج ۱۵ ص ۶۳۴)

# (2) اهو نه هجي ها ته ڪجھ به نه هجي ها

صحابيءِ رسول حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي: حضرت جبريلِ اَمين حاضر ٿي ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ کي عرض ڪيو: **يارسولَ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ ! اوهان جو رب ارشاد فرمائي ٿو: بيشڪ مون تو تي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام کي ختم ڪيو (يعني تون سيني کان آخري نبي آهين) ۽ ڪو اهڙو نه بڻايو جيڪو تو کان وڌيڪ مون وٽ عزت وارو هجي، تنهنجو نالو مون پنهنجي نالي سان ملايو ته جتي منهنجو ذڪر ڪيو وڃي گڏوگڏ اُتي تنهنجو به ذڪر ڪيو وڃي، بيشڪ مون دنيا ۽ دنيا وارن کي ان ڪري تخليق فرمايو ته (جيئن) تنهنجي عزت ۽ پنهنجي بارگاهه ۾ تنهنجو مقام ۽ مرتبو انهن تي ظاهرڪريان، ۽ جيڪڏهن تون نه هجين ها ته مان آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو ڪجھ انهن ۾ آهي بلڪل نه بڻايان ها.

(مختصر تاريخ دمشق ج ٢ ص ١٣٦,١٣٧ مختصراً، فتاوٰی رضويه ج ١٥ ص ٦٣٦)

ہے اُنہیں کے دم قدم کی باغِ عالم میں بہار
وہ نہ تھے عالَم نہ تھا، گر وہ نہ ہوں عالَم نہیں

**الفاظ ۽ معنٰي:** قدم قدم سے: ڪري ئي. باغِ عالَم: دنيا جون رونقون. عالَم: دنيا.

**شرح ڪلامِ رضا:** الله پاڪ جي سيني کان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪري ئي سڄي دنيا جون رونقون ۽ بهارون آهن، جيڪڏهن

منهنجو پيارو پيارو آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف ڪٽي نہ اچي ها تہ نہ هيءَ دنيا هجي ها ۽ نہ هن دنيا جو وجود هجي ها.

اے کہ ترا وُجود ہے، وجہِ قرارِ دو جہاں
اے کہ تِری نُمود، ہے، زینتِ بزمِ کائنات

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڪي پيغام

تابعي بزرگ حضرت عامِر شَعْبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا: الله پاڪ (حضرت ابراهيم (خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام) تي جيڪي صحيفا[1] (يعني آسماني ڪلام) نازل فرمايا انهن ۾ هي بہ هو:

بيشڪ تنهنجي اولاد مان قبيلن جا قبيلا ٿيندا ايستائين جو اُمّي نبي (يعني دنيا ۾ ڪنهن ڪان پڙهي بغير پڙهڻ وارو)، خَاتَمُ النَّبِيّين (صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تشريف ڪٽي ايندو. (الطبقات الكبرٰى لا بن سعد ج ۱ ص ۱۳۰، فتاوٰی رضویہ ج ۱۵ ص ۶۳۵)

منهنجا آقا اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

ایسا اُمی کس لئے منّت کشِ اُستاد ہو
کیا کفایت اُس کو اِقْرَاْ رَبُّكَ الْاَكْرَم نہیں

[1] ”صحيفو“ لغت ۾ اوراق کي چوندا آهن جن تي الله پاڪ جو ڪلام لکيل هجي. اصطلاح ۾ اهو آسماني ڪلام آهي جيڪو رسالي جي صورت ۾ نبين تي آيو. (نورالعرفان ص ۹۷۷)

الفاظ ۽ معنيٰ: امّي: دنيا ۾ ڪنهن کان بہ نہ پڙهيل. مِنّت ڪَش: احسان کڻڻ وارو. ڪِفايت: ڪافي ٿيڻ.

**شرح ڪلامِ رضا:** الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي الله پاڪ پاڻ پڙهايو آهي جنهن جو ذڪر 30 هين سيپاري جي سورةُ العَلق ۾ موجود آهي، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي خود خدا پڙهايو آهي تہ پوءِ پاڻ سڳوراصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڇو ڪنهن دنياوي استاد جو احسان کڻن. ۽ سندن "اُمّي" هجڻ تمام وڏو معجزو آهي جو سندن دنيا ۾ ڪنهن کان بہ نہ پڙهيو پر ڪيس دنيا جا تمام علوم حاصل آهن.

## (4) حضرت اَشْعِيا عَلَيْهِ السَّلَام کي وحي

تابعي بزرگ حضرت وَهْب بن مُنَبِہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ پنهنجي پياري نبي، حضرت اَشْعِيا عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف وحي موڪلي تہ مان اُمّي نبي کي موڪلڻ وارو آهيان، هن جي سبب (يعني ذريعي) ٻوڙا ڪن ۽ غافل دليون ۽ انڌيون اکيون کولي ڇڏيندُس، سندس پيدائش مڪي ۾، هجرت ڪرڻ جي جاءِ مدينو ۽ هن جي بادشاهت "ملڪِ شام" ۾ آهي، مان ضرور سندس اُمّت کي سيني اُمّتن کان جيڪي ماڻهن جي لاءِ ظاهر ڪيون ويون آهن بهتر ۽ افضل ڪندس، مان سندس ڪتاب تي ٻين ڪتابن کي خَتم فرمائيندس ۽

سندس شريعت تي ٻين شريعتن ۽ سندس دين تي سڀني دينن کي مکمل ڪندس.

(دلائل النبوة لا بی نعیم ص ۳۶ حدیث ۳۳، الخصائص الکبرٰی ج ۱ ص ۲۳، فتاوٰی رضویہ ج ۱۵ ص ۶۳۵)

کلیم و نجی مسیح و صفی خلیل و رضی رسول و نبی
عتیق و وصی غنی و علی ثنا کی زباں تمہارے لئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”ملڪِ شام جي بادشاهت“ جي وضاحت

اي عاشقانِ آخري نبي! هاڻي جيڪا حديث پاڪ بيان ٿي هن ۾ هي به ذڪر آهي ته الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بادشاهت ”ملڪِ شام“ ۾ هوندي، هن جي باري ۾ اوهان کي فتاوٰي رضويه شريف مان هڪ مدني گُل پيش ڪريان ٿو: منهنجا آقا اعلٰي حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت اميرِ معاويه (رَضِيَ اللهُ عَنْه) ته اوّل مُلوڪِ اسلام (يعني سلطنتِ محمديه جو پهريون بادشاهه) آهي انهيءَ جي طرف توريت شريف ۾ اشارو آهي ته مُوْلِدُهٗ بِمَكَّةَ وَمُهَاجَرُهٗ طَيْبَةَ وَمُلْكُهٗ بِالشَّامِ يعني ”اهو نبي آخرُ الزّمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مڪي ۾ پيدا ٿيندو ۽ مديني ڏانهن هجرت فرمائيندو ۽ ان جي سلطنت شام ۾ هوندي.“ ته اميرِ معاويه (رَضِيَ اللهُ عَنْه) جي بادشاهي توڙي

جو سلطنت آهي، پر ڪنهن جي! محمد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي.

(فتاوٰی رضویہ ج ۲۹ ص ۳۵۷)

| | | |
|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی جنّتی جنّتی | چار یارانِ نبی جنّتی جنّتی |
| حضرتِ صدیق بھی! جنّتی جنّتی | اور عمر فاروق بھی جنّتی جنّتی | عثمانِ غنی جنّتی جنّتی |
| فاطمہ اور علی جنّتی جنّتی | ہیں حسن حسین بھی جنّتی جنّتی | والدینِ نبی جنّتی جنّتی |
| ہر زوجہ نبی جنّتی جنّتی | اور ابوسفیان بھی جنّتی جنّتی | ہیں مُعاویہ بھی جنّتی جنّتی |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (5) حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام ڪي وحي

تابعي بزرگ حضرت محمد بن ڪَعۡب قُرَظي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي طرف وحي موڪلي: مان تنهنجي اولاد مان بادشاهن ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ڪي موڪليندو رهندس ايستائين جو مان هن احترام لائق حرم واري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي موڪليندُس جنهن جي اُمّت بيتُ المقدس بلند تعمير ڪندي ۽ اهو ”آخري نبي“ آهي ۽ ان جو نالو ”احمد“ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي.

(الطبقات الکبرٰی لا بن سعد ج ١ ص ١٢٩، فتاوٰی رضویہ ج ١٥ ص ٦٣٥)

# خَتْمِ نبوت جي متعلق نعرا

محمد مصطفيٰ سيني ڪان آخري نبي
احمد مجتبيٰ سيني ڪان آخري نبي

آمِنہ جو لاڏلو سيني ڪان آخري نبي
بنهي جهانن جو سردار سيني ڪان آخري نبي

تاجدارِ انبياء سيني ڪان آخري نبي
آ حبيب ڪبريا سيني ڪان آخري نبي

آ شفيع الورا سيني ڪان آخري نبي
عاصين جو آسرو سيني ڪان آخري نبي
اعتقادِ فاطمہ سيني ڪان آخري نبي
آ يقينِ عائشہ سيني ڪان آخري نبي
عقيدو سڀ صحابہ جو سيني ڪان آخري نبي
عقيدو اهلبيت جو سيني ڪان آخري نبي
عقيدو غوثِ پاڪ جو سيني ڪان آخري نبي
اولياء بہ چيو سيني ڪان آخري نبي
شيخ و شاب بہ چيو سيني ڪان آخري نبي
ٻار ٻار چئي ڏنو سيني ڪان آخري نبي
عقيدو آ رضا جو سيني ڪان آخري نبي
نعرو آ عطار جو سيني ڪان آخري نبي

